# برقي ڪتاب پبلشر

# نوٽ بوڪ جا ورق

شيخ اياز جي ڪتاب،

# ”جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙيءَ“

تان ورتل ٽڪڙا

# نوٽ بوڪ جا ورق

مون هن ڏانهن چتائي ڏٺو: گورو چٽو رنگ، ڪَڪي ڇدي ڏاڙهي، گهَريون چيرويون اکيون، لوٽا وار، ويڪري ڇاتي، سنهي سڊول هٿ، ڄڻ هوبهو اِبن مريم تي لڳو. جهيڻي آواز ۾ چيائين،

” ڪيس جا ڪاغذ آندا اٿم. “

” ڏي ته ڏسان. “

هو قتل جي مقدمي ۾ ملزم هو. هن تي الزام هو ته هن پنهنجي زال کي فقط سياهڪاريءَ جي شبهي سبب ماريو هو. هن چيو ٿي، ۽ اهو هن جو ڪيس ۾ بچاءُ هو، ته هن جي زال ”ڪاري“ هئي ۽ هن کي سياهڪاريءَ وقت ڪاري ڪري ماريو هئائين. مون ڪاغذ اُٿلائي واردات جو مشيرنامو ڪڍيو، جنهن ۾ ڪجهه هيٺينءَ ريت لکيل هو:

”– واردات، جهنگ ۾ لڳ ڀڳ ...... جي هئي. وادات جي چوڌاري ٻير، ڪيڙ لَوا ۽ ڪَنڊيون هيون. ٻاهران بيهي جهنگ ۾ نظر ڪئيسين ته ڪجهه نظر نه آيو. واردات تي رت جو ڌٻو هو، جنهنجي پرسان ”سپاجهيءَ“، ( ملزم جي زال جو نالو ) جو لاش پيو هو. لاش سورهن ورهين جي نينگريءَ جو هو، جنهن جو سر ڌڙ کان ڌار پيو هو. نينگريءَ کي ٻه چوٽيون هيون، جن جي وچ تي سينڌ نڪتل هئي. هن جي ڪنن ۾ چانديءَ جون مُرڪيون ۽ ڳچيءَ ۾ سوني دهري هئي، جا ڪهاڙيءَ جي ڌڪ لڳڻ سبب ڇڄي پيئي هئي. ڌڙ جي مٿئين اڌ تي پروچڪو گهگهو پيل هو، جنهن تي ڪاوا پريل هئا. ڪنهن سبب ڪري گهگهو ڳچيءَ وٽان ڪافي ڦاٽل هو ۽ لاش جي ڇاتيءَ تي مينديءَ سان ٻٽايل گل نظر اچي رهيا هئا. ڌڙ جي هيٺئين اڌ تي گربيءَ جي سٿڻ پيل هئي. ڇيو وڃي تو ته اها فوٽڻ جي خون کان پوءِ جوابدار هن کي پهرائي هئي. ٻانهن ۾ عاج جي ٻانهين، مُرن وٽ چانديءَ جون گُجريون، سڄي هٿ جي ڏسٽيءَ ۽ وچينءَ ۾ چانديءَ جا ويڙهه ۽ ڇيچ ۾ چانديءَ جي منڊي، ۽ پيرن جي آڱرين ۾ نُورا پيل هئا. لاش جي پرسان رت

لڳل ڪـهاڙي پيئي هئي، جنهنجي ڦر ۽ ڳن تي رت لڳل هو. ڏرتيءَ تي پن ماٺهن جا ڏُق پيرا هئا، جي سڃاڻپ ۾ تتي آيا .... “

مشيرنامو ختم ٿي ويو، پر منهنجون اکيون ان تي ڪنهن اَڻ لکيل تحرير کي پڙهي رهيون هيون.

...... اِهو رت، ڪنهن انسان جو رت هو! اهو رت جو هاٺي مٽيءَ ۾ ملي ويو آهي، جنهن جو ثبوت فقط ڳاڙهي ڌرتي، ڪهاڙي ۽ مشيرنامي جون پـ ستون آهن، سو ڪنهن وقت هڪ گرم ۽ گداز جسم ۾، تمنا بڻجي، لڳ لاڳاپا لاهي، سيڻ ويڻ، چڱي مٺي کان منهن موڙي، آڌيءَ رات اٿيو هو- جنهن وقت ڪتين ڪَر ٿي موڙيا، جنهن وقت پٽائي سُر ”راڻو“ لکندو هو- ۽ لڪندي چپندي، سڪندي سيڏائيندي، ڏکڻ جي واءُ ۾ ڪندين ۽ لَوَن جي سرڙاٽ کي ازلي سڏ سمجهيو هئائين. اهائي تہ رت جي ڏارا آهي، جا چاندوڪيءَ ۾ ڊوڙندي، ڳائيندي آهي- ”سرتيون جي مون وسهو، ننڊ نہ هيريو نيڻ: جوين پـ- ٿي ڏينهڙا! “ اها ڪيڏانهن ويئي؟ جا، اها فقط واردات تي ڪجھ ڳاڙها نشان ۽ مشيرنامي جون چار سٽون ئي هئي.

” مشيرنامو پڙهيئہ؟ “ ابن مريم جهڙي اِنسان پڇيو.

” هون. “ مون چرڪي چيو، ۽ بيخياليءَ سان ڪاغذ اٿلائڻ لڳس. منهنجي ذهن ۾ ڪنهن زور سان پڪاريو: ” هن عورت کي اُهو سنگسار ڪري، جنهن نظر يا زبان سان ۽ خيال ۾ بہ سياهڪاري نہ ڪئي آهي!

“ مون رڙ ڪري جواب ڏنو: ”جنهن نہ ڪئي آهي، انهيءَ کي بہ ڪهڙو حق آهي؟ هيءُ رت شب خيز آهي، پاڪيزه، هر گناه و ثواب کان بالاتر! هيءُ رت عبادت آهي، اُن تي هٿ کڻڻ جو ڪنهن کي بہ حق نہ آهي- نہ اِنسان کي، نہ فرشتي کي!“

” وڪيل صاحب! “ ابن مريم جهڙو انسان مون سان ڳالهائي رهيو هو ۽ آءٌ سوچي رهيو هوس تہ وڪالت منهنجي وس جي ڳالھ نہ آهي.

•

اڄ منهنجي هڪ دوست هڪ پرلطف واقعو ٻڌايو.

هن چيو تہ ” تو عبداللطيف ”ساربان“ جو نالو تہ ٻڌو هوندو؛ مان ننڍي هوندي هن جا نظم سنڌي رسالن ۾ پڙهندو هوس. هن جي اسلامي تخيل مون کي بيحد متاثر ڪيو هو ۽ هن جي هر سٽ پڙهي منهنجي رڳن ۾ خون جي گردش تيز ٿي ويندي هئي ۽ جوش ايمانيءَ سبب منهنجو ڳلو ڀرجي ايندو هو. مون هن کي ڏٺو ڪونہ هو، پر اهو ٻڌو هوم تہ هو روهڙيءَ جي ڪنهن پاڙي ۾ رهندو آهي. هڪ ڏينهن هن سان ملاقات جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ روهڙيءَ ويس. رستي تي مون هن جي شڪل شباهت جو تصور ڪري سوچيو تہ هن جا خالد بن وليد ۽ طارق بن زياد جهڙا چوڙا ڪلها هوندا؛ هن کي فارابيءَ جهڙي وٽندڙ ڏاڙهي هوندي، ۽ علامہ اقبال جهڙيون مڇون، قد ۽ بدن هوندو؛ هن جي اکين ۾ مجاهدين اسلام جو نُور هوندو؛ ۽ هن جي چپن جي هر جنبش نعره تڪبير جي ياد ڏياريندي: هو لنبي ڪڙتي ۽ شلوار ۾ واقعي اسلامي حريت ۽ غيرت جو شاهڪار نظر ايندو. روهڙيءَ پهچي، مون هن جي گهر جي پڇا ڪئي، ۽ ڏَس تي اتي پهتس، تہ آءٌ هن جي گهر کي ڏسي بيحد متاثر ٿيس. گهر لڳو تہ پراڻو ٿي، پر ان جا محراب ۽ طاق مغليہ فن تعمير جا يادگار ٿي لڳا؛ ۽ گهر جي ٻاهران ڪيتريون ئي ڪجيون فاتحانِ عرب جون نشانيون ڏيئي رهيون هيون. مون دل ئي دل ۾ خوش ٿي، چيو تہ ” واقعي، شاعراسلام جو غريبخانو هجي تہ اهڙو هجي! “ مون در جو ڪڙو ڪڙڪايو، تہ ٿوريءَ دير بعد هڪ بيحد حسين ۽ وَجيهہ ڪرڙوڊ پريان نظر آيو. مون کي تعجب آيو، ڇوتہ هو منهنجي تصور جو پورو مجسمو ٿي لڳو- چوڙا ڪلها، دلڪش ڏاڙهي، ڀريل بدن، ڊگهو قد رعبدار مڇون، منهن تي قلندرانہ شان، ۽ اکين ۾ والهانہ تجلو! هن ويجهو اچي نهايت خوش خلقيءَ سان پڇيو تہ ”ڪيئن آيا آهيو؟“

مون ڪجهہ مرعوب ٿي هٻڪندي چيو، ”ننڍي هوندي کان وٺي اوهان جي ڪلام کان بيحد متاثر رهيو آهيان. منهنجي نظر ۾ اوهين ”فردوسيءِ اسلام“ آهيو! اوهان جو ڪلام حق ۽ صداقت جو آواز آهي، جنهن مرده مسلمانن ۾ نئين جان پيدا ڪئي آهي! واہ، ڇا جوش ۽ خروش آهي اوهان جي ڪلام ۾! ڇا .....“

” اوهه اوهين عبداللطيف ”ساربان“ سان ملڻ آيا آهيو؟ ها انهيءَ جو گهر منهنجي پاسي ۾ آهي. مان ته سونو خان حجم آهيان. “

” مان سوني خان حجم کي حيرت سان تڪيندو رهيس، جيستائين هو گهر اندر هليو ويو. “

-- مون پنهنجي دوست کي مُرڪي چيو، ” تو انهيءَ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ انگريز اديب ”سمرسٽ مام“ تان چورايو آهي. “

” چريو آهين ڇا؟ مان انگريزي ڪٿي ڄاڻان! افسانه نويس تي پلاٽ جو نزول ٿيندو آهي: ممڪن آهي ته اهو ساڳيو پلاٽ سمرسيٽ مام تي به توريءَ ڦير ڦار سان نازل ٿيو هجي. آخر اها ڪا نئين ڳالهه ته نه آهي، صدين کان مختلف مذهبن جي مقدس افسانن ۾ ان جو ثبوت ملي ٿو. “

•

مون هن کي آغوش ۾ آڻي، هن جي اکين کي چميو ۽ چيومانس: ”هيءَ جهوني زماني جي ڳالهه آهي. بنارس جي ڪنهن مندر ۾ ديوداسي نچي رهي هئي. مانگهه جي رات اڌ کان زياده گذري چڪي هئي. ٻاهر وِلهه ٿي پيئي. مندر جون ڳڙکيون بند هيون، ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ ڳلڪڙا ڪليل هئا، جن مان هرمل ۽ اگربتين جو دونهون ٻاهر وڃي رهيو هو. ڏياٽين ۾ جوت جلي رهي هئي، ۽ ڇت مان موم- بتين جا جهار لڙڪي رهيا هئا. سامهون ڪنهن ديوتا جي وڏي مورتي رکي هئي، جنهن جي چرنن ۾ گينديءَ ۽ ڪيسوڦل جي شوخ رنگن وارن گلن جون مالهائون پيئون هيون. ديوتا کي پٺي ڏيئي، هڪ ڪن-ڦاڙ پوڄاري بيٺو هو. هن سوم رس پيتي هئي ۽ مَدَ جي ڪيپ ۾ هن جو منهن ڦُتل ڏاڙهونءَ وانگر ٽڙي پيو هو. هن جي ڪنن ۾ لڙڪندڙ گيندي جي سڳ جا والا هن جي مَدَ-ماتي منهن تي سيباتا ٿي لڳا. هن جي سامهون ڪاري پٿر جي ٿلهي تي ديوداسي، ڳاڙهي بنارسي گهگهريءَ ۽ پَڙي ۾ نچي رهي هئي. پوڄاريءَ جي اکين ۾ ڪائي وچ چمڪي رهي هئي ۽ هن جو سڄو سرير ڪنهن ڀيانڪ آنڌيءَ ۾ ويڙهجي ويو هو. نرت ۾ ديوداسيءَ جي چيلهه ائين ٿي مُڙي ويئي، جڻ ڏُوڙئي ۾ ڊاک جي ول جهُڪي وڃي. ان وقت هن جي گهگهري انهيءَ ڪيڙي وانگر ٿي لڳي،

جنهن سان پيهرَ جهارِ جي پوءِ ڪان ڏاڪ جا ڪچا چِگا ٻڌي ڇڏيندا آهن. پوڄاريءَ سوم- رس جي چوٽين وٽي ڳيت ڏيئي پيتي، تہ هن جون اکيون ڪروڌ ۾ آيل ڪاريهر جي اکين وانگر ٽي لڳيون. هو مست ٿي ديوداسيءَ ڏانهن ٿي وڌيو، تہ ڪنهن هن جي ٻنهي ڪلهن کي پٺيان زور سان جهليو. پوڄاري وائڙو ٿي پٺتي نهاريو تہ ڏٺائين تہ مها-ٻلي ديوتا هن کي ڪلهن کان جهلي بيٺو هو. ديوتا جون اکيون ڪاندن ٽانڊن وانگر ٻري رهيون هيون، ڇڻ تہ هن سوم- رس جا ٻہ- ٽي مَٽ پيتا هئا. پوءِ ۾ پوڄاري ديوتا جي چرنن ۾ ڊنڊوت ڪري، منهن ڌرتيءَ سان لاتو. ديوتا غصي ۾ پوڄاريءَ کي لت هڻي چيو: " ڏسين نٿو، هيءَ ديوداسي پرڪرتيءَ جو سڀ کان جوڀو سروپ آهي: هن سان پريم ڪرڻ تولاءِ پاپ آهي!" پوڄاري ٽپو ڏيئي اٿيو ۽ پرسان پيل ڏقي سان ديوتا تي وارَ مٿان وارَ ڪيائين- تان جو ديوتا ڌرتيءَ تي ڪري، ڦٿڪي ڦٿڪي خاموش ٿي ويو. ديوتا جو رت ڦوهاري وانگر وهي رهيو هو. سامهون ديوداسي، جنهنجي چوٽي، ڪراين ۽ مُرن ۾ ڪيتڪيءَ ۽ مُگري جون لڙهيون پيئون هيون، اجا نچي رهي هئي ۽ تيزيءَ سان ڦيريون پائي رهي هئي.

ڇنن ڇنن، ڇن ڇم، ڇنن ڇنن، ڇن ڇم، ڇم ڇم .....
ڇم ڇم، ڇم ڇم، ڇم؛ ڇنن ڇنن، ڇن ڇم .....

" پوڄاريءَ سوم رس سان ٻہ وٽيون پريون، انهن ۾ ڪجھ ديوتا جو رت ملايائين، ۽ پوءِ هڪ وٽي پاڻ پي ويو ۽ ٻي وٽي ديوداسيءَ کي پياريائين .... پوءِ ٻيئي مدهوش ٿي ڪاري سنگمرمر جي ٿلهي تي ليٽي پيا. هڪ ٻئي پٺيان ڏياٽيون ۽ موم بتيون وسامي ويون ۽ رات جي اوندهہ ديوتا جي رت کي ڍڪي ڇڏيو. اهو پوڄاري پارت ديس جو " پهريون ناستڪ " هو. "

هن مون کي حيرت سان ڏسي پڇيو، " تو اها عجيب غريب ڳالھ ڪٿي پڙهي آهي؟ "

" ڪٿي بہ نہ. "

" ڪنهن کان ٻڌي اٿيئي؟ "

" تڏهن تہ اها تنهنجي من- گهڙت ڳالھ آهي؟ "

” نہ. “

” تون بہ عجيب آهين! آخر توکي انهيءَ ڳالھ جي خبر ڪيئن پيئي؟ “

” اکين سان ڏٺي اٿم: اُهو پوڄاري مان آهيان ۽ اُها ديوداسي تون آهين! مان جنم جنم ۾ هر    ديوتا کي ڏڍي تي ڏڍو هٽي ماريندو آيو آهيان- تولاءِ، فقط تو لاءِ!..... “

•

هو اُهو ديوانو شاعر هو، جو هر پيشرؤ جو پيرو ڊاهي منزل ڏانهن اڳتي وڌندو هو. مون هن کي هڪ دفعي ” غالب “ جو هيٺيون شعر پڙهايو:

” لازم نهين کہ خضر کي هم پيروي کرين،
مانا کہ اِک بزرگ همين همسفر ملي. “

( لازمي نہ آهي تہ اسين خضر جي پيروي ڪريون، جيتوڻيڪ اِهو مڃون ٿا تہ هڪ بزرگ اسان سان همسفر هجي. )

هن فوراً شدت سان چيو، ” غلط! غالب غلط آهي. هر عظيم شاعر پنهنجو خضر پاڻ آهي. هن کي نہ رهبر جي طلب آهي، نہ همسفر جي. “

سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب متعلق گفتگو ڪندي، هن ٺهڪ ڏيئي چيو، ” سنڌ جو ڪلاسيڪي شعر! آخر اهو آهي ڇا؟ ڪجھ جهوني جڳ جون ڏند ڪٿائون- منصور جو سوريءَ تي چڙهڻ، ذڪريا جو ڪرٽ سان چيرجڻ، يونس جو مڇيءَ جي پيٽ ۾ رهڻ، ڪجھ روحاني ڏاڪڻيون- شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت: ناسوت، جبروت، ملڪوت، لاهوت! لفظ- فقط، بي معنیٰ لفظ! چرس، چندول، گانجي جون سلفيون، ڀنگ جا ڪونڊا: اَزلي ڀنڪيون، اَبدي گهيرٽ! تنهنجي شاهہ سچل، دلپت، سامي، بيدل ۽ بيڪس وٽ ٻيو ڇا آهي؟ انهن کي صدين جي غبار ۾ ويڙهيل ڇڏي ڏي. انهن مان ڪوبہ ڪنهن سنگ ميل تائين نہ پهتو هو. شعر ۽ ادب جي منزل دور آهي، تمام دور! “

هن جذبات جي جوش تي قابو پاتو ۽ رزدارانه انداز ۾ چيائين، ” سچل ڪي شاه لطيف چيو هو ته، ” جيڪا ڪُني مون چاڙهي آهي، ان جو ڏڪڻ تون لاهيندين، “ ڪاش! مان اها ڪُني ڍڪڻ سوڌي ڀڃي سگهان! “

هن ۾ هڪ منفرد اديب جي اَنانيت ۽ خود اعتمادي هئي. هن جو روح اها چولي هئي، جا ڪچ ڪوڏيءَ ۽ موتيءَ ڪي ساڳيءَ طرح ٽُڏي، چند ڪي چمڻ لاءِ اپرندي آهي. ظاهري طرح هو واقعي ديوانو ٿي لڳو. پر هر عظيم شاعر اهو ديوانو آهي، جو جنون جي بي انتها جوش ۾ پٿر اڇلائي، عرش عظيم جا در دريون ۽ روشندان ڀڃي وجهندو آهي.

مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، ”ڪنهن حد تائين مان توسان متفق آهيان. پر سنڌي ڪلاسيڪي شاعري فقط تصوف جو مربو ته نه آهي: ۽ تصوف جو بنيادي نظريو به ته آفاقي آهي. اِنسان جي اِنسان سان محبت: اِنسان جي ڪنهن اَزلي حقيقت جي جستجو: جي اهي اِنسان مان ويا ته باقي هن ۾ ڇا رهيو؟ اهي شاعريءَ جا اَبدي موضوع آهن. ائين صحيح آهي ته تصوف جو نظريو نه فقط سنڌ ۾ پر ڪيتريءَ حد تائين هر هنڌ، مضحڪ خيز آهي، پر اِن جي معنيٰ اها نه آهي ته شاه جو ”مومل راڻو“ ۽ ”سسئي- پنهون“ ان ڪري بي معنيٰ آهن، ڇاڪاڻ جو شاه جي شاعريءَ جو محرڪ تصوف جو ڪو نظريو هو. جيڪڏهن تون عينيت جو غلاف هٽائي ڏسندين، ته توکي شاه جا ڪيترا بيت مجاز جا مجسما نظر ايندا، جن ۾ خالص حسن آفريني ۽ فطرت نگاري پيئي بکي. شاه ۾ فطرت سان ڪيتري نه محبت آهي! مون فرانس جي عظيم شاعر ”باڊليئر“ جي ڪلام جو مجموعو، ”گناه جا گل“ پڙهيو آهي ۽ اُن مان هيءُ شعر اڃا تائين منهنجي ذهن ۾ محفوظ آهي.“

( تون سڀ کان زياده ڪنهن سان محبت ڪندو آهين؟ ) پراسرار انسان مون کان پڇيو، ”پنهنجي پيءُ، پنهنجي ماءُ، پنهنجي ڀيڻ يا پنهنجي ڀاءُ سان؟“

” مون کي نه پيءُ آهي، نه ماءُ، نه ڀيڻ نه ڀاءُ. “

”- پنهنجن دوستن سان!“

”تون اُهو لفظ ڪم آڻي رهيو آهين، جنهن جي معنىٰ کان اجا تائين ناواقف آهيان.“

”- پنهنجي وطن سان؟ “

” مون کي خبر نہ آهي تہ اهو دنيا جي ڪهڙي حصي ۾ آهي. “

”- سونهن سان؟ “

”سونهن کي جيڪر دل سان چاهيان ها، چوتہ اُها ديوي آهي ۽ اَمر آهي. “

”- سون سان؟ “

” مون کي سون کان ايتري نفرت آهي، جيتري توکي خدا کان. “

” اي اَجنبي انسان! تڏهن تنهنجي ڪهڙيءَ شيءِ سان محبت آهي؟ “

” منهنجي بادلن سان محبت آهي! بادل، جي ويندا رهندا آهن- ازلي، حيرت انگيز بادل! “

هيءُ ”بادليئر“ جو شعر منهنجي روح جي سيپاري جو هڪ ورق آهي. پر انهيءَ جي مقابلي ۾ شاه جو ”سر سارنگ“ رکي ڏس ۽ اها سٽ پڙهہ:

” آگميو آهي، لڳهہ پس، لطيف چئي! “

”چا توکي اِن سٽ ۾ اُها ڪيفيت محسوس نٿي ٿئي، جا ”بادليئر“ جي نظم ۾ آهي؟ هر شعر ۽ اديب جي تخليقات ۾ هن جي ماحول جون روايتون ۽ توهمات پوشيده آهن- توڙي هو قديم شعرا مان هجي يا جديد مان. هن جو روح اهو تلاءُ آهي، جنهن جي چَرَ هيٺان سَر ۽ چڪٽي مٽي آهي: تون ان چر کي چاندوڪيءَ وانگر چمي ڏس، ان جي سرن ۽ چڪٽي مٽيءَ کي چا ڪندين؟ تون ان ۾ هنج وانگر ٽٻي ڏي تہ توکي موتي ملن، فقط ڪنهن ڪانوَ جي ڪانگيري ۾ ويهي چو ٿو چيخ پڪار ڪرين؟ بهتر آهي تہ ڪلاسيڪي شعر جي انهيءَ حصي کي نظرانداز ڪري ڇڏ، جنهن ۾ آفاقيت نہ آهي، جنهن ۾ شاعر جي دور جا توهمات ۽ بي ڪيف تصورات آهن. ممڪن آهي تہ هڪ صديءَ کان پوءِ تنهنجي منهنجي ڪلام لاءِ بہ ڪئنچيءَ جي ضرورت پوي. “

هو ٿورو ڪنگهي چوڻ لڳو، ”مان تہ سمجهان ٿو تہ تصوف ۽ مذهبي پس منظر کان سواءِ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري هڪ ڪَنڌي جي ڪِل مثال آهي. “

مان سوچي رهيو هوس تہ ڪٿي هيءُ ديوانو شاعر سچ تہ نٿو چوي!

اڄ هڪ سنڌي ادب جي پانڊيئڙي سان ملاقات ٿي، جنهن سان هيٺين گفتگو ٿي: ”اوهين ترقي پسند آهيو ڇا؟ “

” جيڪڏهن ترقي پسند ٿيڻ لاءِ مارڪس جي جدلياتي ماديت ۽ انسان جي لازمي مادِي ارتقا ۾ اعتبار ۽ ادب کي فقط طبقاتي ڪشمڪش جو آئينو ۽ ذريعو تسليم ڪرڻ ضروري آهي، تہ مان ترقي پسند نہ آهيان. “

” پوءِ تہ اوهين رجعت پسند ڇئبا. “

” منهنجي نظر ۾ رجعت پسند اهو آهي، جو ڪنهن صدين جي جهونيءَ تهذيب ۽ تمدن، معاشي ۽ اقتصادي نظام ۽ مذهبي قدرن جو قائل هجي: جو زندگيءَ جي هر نئين مسئلي جي حل جي تلاش ڪنهن اُڏوهيءَ کاڌل ڪتاب يا قول ۾ ڪري: ۽ جو زندگيءَ ۽ ادب جي هر نئين رجحان جي ان ڪري ترديد ڪري ڇاڪاڻ جو اهو رجحان هن جي موروثي خيالن جي خلاف آهي. نہ، مان رجعت پسند نہ آهيان. “

” اهو ڪيئن: نہ رجعت پسند، نہ ترقي پسند! تڏهن اوهين ڇا آهيو؟ “

” مان فقط ” مان “ آهيان. “

” يعني؟ “

” يعني مان منصور آهيان: مون کي هر بي سمجهہ ڦاهيءَ تي چاڙهيندو. “

” اهو ڪو ”اناالحق“ جو نئون نعرو آهي ڇا؟ “

”– اناالإنس جو! “

” اوهان جي خيال ۾ نئون ادب ڇا آهي؟ “

” زندگيءَ ۽ ادب جي هر صحتمند رجحان جو خيرمقدم. “

” سنڌي ادب ۾ تنقيد جي ارتقا متعلق اوهان جو ڇا رايو آهي؟ “

” سنڌي تنقيد انهيءَ جانور جو نالو آهي، جنهن کي جهرڪيءَ جو مٿو، ڪاريهر جي ڄڀ، چمڙيءَ جون اکيون ۽ اٺ جي اوجهري آهي. “

” ڇا مطلب؟ “

” ادبي تنقيد لاءِ نه فقط جديد ۽ قديم ادب جو وسيع مطالعو، زبان ۽ ادب جي مزاج جي پرک ۽ فن تحرير تي قدرت ضروري آهي، پر تنقيد نگار جي گونا گون، گهري ۽ متوازن شخصيت ئي تنقيد کي صحيح تنقيد بنائي ٿي: مون کي اهي خوبيون سنڌ جي ڪنهن به ناقد ۾ نظر نٿيون اچن. “

” نئين ادب ۾ فحش نگاري آهي ڇا؟ “

” اهو ان تي منحصر آهي ته اوهين نئون ادب ۽ فحش نگاري ڇا کي ٿا سمجهو. اوهان کي معلوم هوندو ته جيمس جوائس ( James Joyce ) جي ڪتاب ”يوليسز“ ( Ulysses’) تي فحش نگاريءَ جي الزام هيٺ مقدمه بازي هلي هئي، ۽ آخر آمريڪا جي عدالت فتوا ڏني، ان کي فن جو عظيم شهپارو تسليم ڪيو. ساڳيءَ طرح ڊي. ايچ لارينس (D.H.Lawrence) جي ڪتاب ”ليڊي چٽرليءَ جو عاشق“ ( Lady Chatterley’s Lover) تي به اهڙيءَ قسم جي قانوني فتوا ملي چڪي آهي، جنهن تان پڻ تازو اها بندش هٽائي ويئي آهي. خير، هتي جنسيات جو مهذب تصور ناممڪن آهي. هتي جيڪڏهن اهو لکيو وڃي ته فلاڻو صوفي شاعر ڪنهن هندو ڇوڪري سان عشق ڪندو هو ته سنڌي ناقد، مجاز کي حقيقت جي پل سمجهي، درياءُ ٽپي ويندو: باقي جيڪڏهن ڪنهن حقيقت نگار اديب ڪنهن به جنسي حقيقت جو اشاري ۾ ئي ذڪر ڪيو، ته اُن تي بيٺو گاريون ڏيندو. هن جون گاريون به اهو گارو آهن، جنهن جي چڪڻ ۾ ڦاٿوڙا هڻي، ڦينگون اُڏاري، هو فقط پنهنجي روح کي پليد ڪندو رهي ٿو. مون کي جڏهن به چيو ويو آهي ته اهڙيءَ تنقيد جو جواب ڏيان ته مون مون فقط اهو چيو آهي ته ”فقير رمندو رهندو، ڪتا ڀوڪندا رهندا: ڪتن کي ڪهڙي خبر ته فقير جي گودڙيءَ ۾ ڇا هو؟“ مان ڀانيان ٿو ته اهي عربي مجسما ۽ تصويرون جن کي ساري مهذب دنيا فن پارا تسليم ڪري ٿي، اسانجي تنقيد نگارن کي

فحش لڳندا، جن کي فنون لطيفه ۽ انهن جي تاريخي، اخلاقي، جنسياتي، نفسياتي ۽ معاشرتي مناسبتن جي ڪافي معلومات نه آهي. انهن کي ڪنهن ادب پاري جي مهذب ۽ فحش هجڻ جي ڪهڙي خبر؟ پنهنجو قلم ته تلوار کان به تکو آهي، پر اهو ڪنهن جيتامڙي جي رت ۾ ٻوڙي چا ڪبو؟ "

" هن ڪائنات جي طلسم ۾ جسم جي رعنائي ڪيتري نه هوشربا آهي، سو لطيف سائينءَ هيٺين سٽن ۾ نهايت پياري انداز سان سمويو آهي. ( جي اهي سٽون منهنجون هجن ها، ته ڪج فهم نقاد انهن تي به فحش نگاريءَ جو الزام آڻين ها. )

" ڪنواريون ۽ ڪنول، هل ته پسون ڪاڪ جا! "

( متينءَ سٽ ۾ ڪنول جو تصور ائين آهي، جيئن ڪنهن مڱينديءَ جو هيانءُ ٿڙي پوندو هجي. )

" هلو هلو ڪاڪ ترِين، جتي نينهن اُڇل،
نڪا جهل نه پل، جي ويا سي وڏيا. "

" مومل کي مجاز جا اکين ۾ انبورا! "

( اها سٽ پڙهي، ڪو نيم دماغ ناقد ائين نه چوي ته اکين ۾ انبور ڪيئن ٿيندا؟ مومل جون اکيون ٿيون يا لوهار جو دڪان! )

" لطيف سائينءَ اِنسان جي تن جي تؤنس "سر سهڻي" ۾ هڪ نهايت باڪمال فنڪار وانگر چٽي آهي:

" ڪامان، پچان، پچران، لچان ۽ لوچان،
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي، پيان نه ڏاپان. "

۽ اها تن جي تؤنس اِنسان کي ڪيترو نه مجبور ٿي ڪري، اُن جو اظهار هيئن ٿو ڪري:

" ساهڙ مون جئن سرتيون، جي ڏسو سيبيئي،
ته سمهو ڪين سک تي، پاسو وَرَ ڏيئي،
مُنهان اڳيئي، گهڙو سپ گهڙا ڪٽي. "

” شاھ جي شاعريءَ ۾ اھڙا سوين مثال ملندا، جن ۾ جسم جي حسين ترين شاعري آھي. آخر عورت ڪي ٻہ تہ جسم آھي؛ اُھا ٻہ ” ڪَتن تي ڪِھ “ ۽ ” پلنگ پراٽا “ ڏسي راٽي لاءِ روئي تي سگھي. انھيءَ جنسي محبت ڪان، چون ٿا تہ فرشتا ٻہ رھي نہ سگھيا ھئا، جي اجا تائين ”چاھ بابل“ ۾ ٽنگيا پيا آھن. زندگي پلي روز ”چاھ بابل“ ٿاھي، اسين اھا محبت ادب ۾ چٽيندا رھنداسين، ڇوتہ اسان ڪي فرشتي جو روح آھي.

” تعجب آھي تہ مذھب ۽ سياست جيڪڏھن ادب ۽ فن جا موضوع ٿي سگھن ٿا، تہ جنسي نفسيات ڇونہ ٿي سگھي ٿي! شرط اھو آھي تہ نگاھ صالح ۽ نگارش ادبي ھجي- ۽ جي ائين نہ آھي، تہ پوءِ مذھب خواھ سياست، خواھ جنسي نفسيات، سيئي الڳ الڳ سببن ڪري اعتراض جي قابل ٿي سگھن ٿا. “

” جا نئين ادب ۾ دھريت آھي؟ “

ھا، آھي: پر ان ۾ ڪي تخليقات اھڙيون ٻہ آھن، جن ۾ ڪنھن اَزلي حسن ۽ حقيقت جي جستجو ملي ٿي. دراصل ڪيترائي اديب، روايات جا زنجير ٽوڙي، زندگيءَ جي زندان کي ڍاھي رھيا آھن. انھن اجا زندگيءَ ۽ ادب جا مثبت اقدار طيءِ نہ ڪيا آھن. ڪنھن ڪنھن دور ۾ ادب ۾ طوفان ايندو آھي، جو جھونن سفينن جا بادبان اڏائي ڇڏيندو آھي؛ انھن جو تختو تختي سان نہ ملندو آھي ۽ پراڻن ناخدائن کي سندن خدا ٻہ بچائي نہ سگھندو آھي.... ۽ پوءِ نوان مانجھي ساحل ڏانھن وڌندا نظر ايندا آھن. بار بار انھيءَ طوفان جي گواھي اسان کي دنيا جي تواريخي ادب ۾ ملي ٿي. اسان جو ادب ٻہ اِ ج اھڙي طوفان مان گذري رھيو آھي. “

” اوھين ڪھڙن شاعرن کان متاثر ٿيا آھيو؟ “

”اھو سوال ڏکيو آھي. مون مشرق ۽ مغرب جا صدھا شاعر پڙھيا آھن ۽ انھن مان ڪيترن منھنجي ذھن ۾ پنھنجو پنھنجو تاثر ڇڏيو آھي. ڪن جون تہ فقط ٻہ- چار سٽون مدت تائين منھنجي ذھن ۾ ائين پُرنديون رھيون آھن، جيئن ڪنھن موسيقيءَ جو لازوال آلاپ، مثلاً، معلوم نہ آھي تہ ھيءُ

فارسيءَ جو شعر ڪنهنجو آهي، پر اڄ مدت کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ ايري آيو آهي:"

" باده ڪه شيشهء دل منصور را گداخت،
در ساغرِ شبينهء من جوش مي زند. "

( جنهن شراب منصور جي دل جي شيشي کي ڳاري وڌو، اهو منهنجي راتوڪي پيالي ۾ اُبڙڪا ڏيئي رهيو آهي. )

" بهرصورت، مان شاهه لطيف، ڪوي ٽيگور، ميران ٻائيءَ، حافظ، خيام، خليل جبران، گوئٽي، پشڪن، ماياڪووسڪي ۽ بادليئر کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان. لطيف، ٽيگور، ميران ۽ حافظ وحدت الوجود جي فلسفي جا قائل آهن، باقي ٻين جا متضاد نظريا آهن، جي سڀ ائين آهن جيئن روشنيءَ جا مختلف رنگ. باقي جذباتي طرح مون کي "خيام" ۽ "ميران" سان سيني کا زياده رغبت آهي. "

" اها ڳالهه مون هن وقت تائين ڪنهن کي ٻه نه ٻڌائي آهي. توکي مون سان شخصي اُنس آهي، ان ڪري توکي ٻڌايان ٿو. "

" الست جي عهد کان پوءِ جڏهن اِنسان عالم بالا مان ڌرتيءَ طرف ٿي آيا، تڏهن مان تنها پنڌ پيو هوس. جڏهن پنڌ ڪري ٿڪجي پيس، تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته پريان ڪجهه درخت نظر آيا. مون ويجهو وڃي ڏٺو ته انگور جي ول هيٺان هڪ رند لااُبالي پنهنجي صراحيءَ مان جام تي جام پري پي رهيو هو. مون هن سان اچا ڏيٺ ويٺ ئي نه ڪئي هئي ته هن صراحيءَ مان جام پري مون ڏانهن وڌايو. مون حيرت ۾ هن کان پڇيو، "تون ڪير آهين؟" هن جواب ڏنو: "منهنجو نالو عمر آهي، عمر "خيام." مون ڪوئي ٻه عهد نه ڪيو آهي ۽ سيني کي لنوائي، پڇي آيو آهيان."

" ايتري ۾ مون کي پريان گيڙوءَ رتي لباس ۾ هڪ جوڳياڻي نظر آئي، جنهن کي هڪ ڪلهي تي يڪتارو هو ۽ ٻئي تي چوُنري. هوءَ ڳائيندي ٿي آئي:

" موري جنم مرن ڪي ساٿي،

توهي نا بسرون دن راتي. "
( منهنجي چمڻ مرڻ جا ساٿي! تون مون کان ڏينهن رات نٿو وسرين. )
جڏهن هوءَ ويجهو پهتي ته هن مونکي چيو، " هيءَ چؤنري ته وٺائي هيٺ رک، مان ڏاڍي ٿڪجي پيئي آهيان. الاجي شيام ڪٿي ملندو! "
مون هن کان پڇيو، "مائي تون ڪير آهين؟"
"مان؟ مان ميران ٻائي آهيان."
"ڪيڏانهن ٿي وڃين؟"
" ڪيڏانهن؟ خبر ناهي، شيام الائجي ڪيڏانهن ويو! "
"انهيءَ چؤنريءَ ۾ ڇا کڻيو اٿئي؟"
"ڇا کڻيو اٿم؟ اِن ۾ اُهي ڳوڙها ڪٺا ڪيا اٿم، جي شيام جي وڇوڙي ۾ ڳاڙيندي آئي آهيان."
"هون!" خيام کي ڳالهه نه وڻي، ۽ هن مون کي اشارو ڪيو ته سندس جام ڳيت ڏيئي پي وڃان. مون ڇُڪي ڇڪي- اها تاروڻ کي ايتري ته تکي لڳي، جو مون جام رکي ڇڏيو.
" هيءَ انگور جي رس آهي، چونه ٿو پئين؟ " خيام پڇيو.
مون جواب ڏنو، " خيام، تنهنجي رس ڏاڍي تکي آهي. "
ميران ٻائيءَ ٿڌو ساهه کڻي چيو، "انهيءَ رس ۾ هن چؤنريءَ جو ڪجهه پاڻي ملائي پيءُ، شايد ان جي تک گهٽجي وڃي."
مون "خيام" جي رس ۾ "ميران" جا ڳوڙها ملايا، ۽ پوءِ ڪيئي جام پي ويس. ان وقت "خيام" هيٺين رباعي ڳائي رهيو هو:
" آمد سحري ندا ز ميخانه ما،
ڪ اي رند خراباتيءِ ديوانه ما،
برخيز ڪه پر ڪنيم پيمانه زميء،
زان پيش ڪه پر ڪنند پيمانه ما.
( صبح جو ميخاني مان صدا آئي ته اي اسان جا رند خراباتي ۽ ديوانا! ان کان اڳ جو اسان جي زندگيءَ جو پيمانو پرجي وڃي، اُٿي ته پيمانو شراب سان پريون. )

مان ٿوريءَ دير ۾ مدهوش ٿي ويس، ۽ جڏهن جاڳ ٿي، ته خيام ۽ ميران ٻيئي نظر نه آيا، فقط منهنجي پرسان خيام جي صراحي ۽ جام ۽ ميران جي چؤنري رکي هئي؛ آءٌ اهي ڪٺي پنڌ پيس. مون کي ڪافي گهري ننڊ وٺي ويئي هئي: چوٿه پوءِ مون کي معلوم ٿيو ته ”خيام“ ۽ ”ميران“ ته مون کان ڪجھ صديون اڳ ڌرتيءَ تي پهتا هئا.

اُنهيءَ صراحيءَ ۽ چؤنريءَ مون تي ڪافي اثر ڪيو آهي.

”مان دهريو صوفي آهيان، ناستڪ جوڳي آهيان!“

•

ڪنهن چيو ته فلاڻي صاحب تنهنجي ادبي تخليقات تي تنقيد ڪئي آهي. مون پهاڙ تان هيٺ ڏٺو. هڪ وڇون، پهاڙ جي پيرن وٽ هڪ پٿر کي ڏنگ هڻي رهيو هو. پهاڙ خاموش هو، اٽل هو.

•

مون رات خواب ۾ ڏٺو ته ”سامي“ شڪارپور ۾ هاٿي در اندران ڪنهن جاءِ ۾ ويٺو هو، ۽ پني ٽڪر تي سلوڪ لکي مَٽ ۾ وجهندو ٿي ويو.

مون هن ڏانهن تعجب سان ڏسي چيو، ” سامي، تون اجا تائين اهي سلوڪ مَٽ ۾ پيو ڇُپائين! “

ساميءَ مُرڪي چيو، ” اڃا ته مان ئي فقط اهو سنڌڙيءَ جو شاعر هوس، جو پنهنجو ڪلام مَٽ ۾ پوري ڇڏيندو هوس؛ پر هاڻي مون کي يقين آهي ته تون به ائين ئي ڪندين. “

مون مُڪ هڻي ساميءَ جو مَٽ ڀڃي وڌو ۽ هن جا سڀ پنن جا ٽڪرا ڪٺي چيم، ” سامي، نه فقط مان پنهنجو ڪلام علي الاعلان پڙهندس، پر تنهنجو به! تون ۽ مان هن سرزمين جو ماضي ۽ مستقبل آهيون: اسان کي ڪوبه مِٽائي نه ٿو سگهي! “

آڌيءَ رات جو ننڊ مان جاڳ ٿي. مون اکيون پٽي متي ڏٺو. آڪاش جي مندر ۾ ڏيئا جلي رهيا هئا. ويساک جو منو چنڊ، ڪنهن پوڄاريءَ جي سيتل آتما جيئي تي لڳو. مون چيو، ” اُتي، آرتيءَ جو وقت آهي، ويل وهامي

نہ وجي!" پوءِ اُتي مان ڪوٺيءَ جي پٽ وٽ آيس. سامهون اونداهو ساڌ ٻيلو، جنون ۾ سچل سرمست جي وارن وانگر ٿي لڳ. چنڊ جا ڪجھ ڪرڻا پاڻيءَ تي ٽانڊن وانگر چمڪي رهيا هئا. اوچتو ساڌ ٻيلي مان مور رڙ ڪئي، جا ٻرڇيءَ جي وار وانگر آسمان چيري ويئي. مون حيرت ۾ سوچيو تہ هيءُ ساڌ ٻيلو ڪيترو نہ تنها ۽ ويران آهي! معلوم نہ آهي تہ هيءُ مور اُن ڪي ڇڏي چونہ تو وجي! رات جي هن اٿاهہ خاموشيءَ ۾ رڙيون ڇوتو ڪندو رهي؟

مون کي منهنجي هڪ هندو اُستاد، هڪڙي ڏند- ڪٿا ٻڌائي هئي، جا ياد اچي رهي هيم- " جڏهن ڪلجگ شروع ٿيو هو تہ سنڌو-ديش تي ڪجھ پاپي ڪاهي آيا هئا. هو نردئي هئا ۽ اسان جا ديش واسي دياوان. هنن جي سوڀ ٿي تہ هنن ڇوڏاري قرلٽ، اهنج، اَنياءُ مچائي ڏنو. اسان جا ديش واسي سڀ خاموشيءَ سان ڏسندا رهيا. سنڌو درياءُ تڏهن اروڙ جي پرسان وهندو هو. درياءَ جي ڪپ تي هڪ رشي تپسيا ڪندو هو ۽ سڄو وقت ڌيان گيان ۾ گذاريندو هو. پرسان هڪ ماڙي هئي، جنهن ۾ "سنڌيا " نالي هڪ پتورتا استري رهندي هئي. جڏهن پاپي هن جي سَت تي هلان ڪري آيا تہ رشي ترشول کڻي ڊوڙيو ۽ ڪجھ پاپين جي ڇاتين کي چلي وڌائين. هڪڙي پاپيءَ وجهہ وٺي رشيءَ کي ترار سان ٻہ اڌ ڪري وڌو. اُن ڪان پوءِ اُن رشيءَ مور جو جنم ورتو ۽ اڄا تائين مور جي جوڻ ۾ آهي. جڏهن اڌ رات ٿيندي آهي تہ هو رڙيون ڪندو آهي تہ ستجگ وري ڪڏهن ايندو؟ پاپي ڪڏهن ناس ٿيندا!" مون ان وقت انهيءَ ڏند ڪٿا تي اعتبار نہ ڪيو هو؛ پر هاڻي گويا سچي لڳي رهي هئي. فقط بار بار اهو خيال اچي رهيو هو تہ هيءُ مور اُڏامي چونہ ٿو وڃي؟ هيءُ جڳ پاپ جي نگري آهي؛ هن ۾ پاپ کُٽندو تہ نہ؛ وڌندو نظر اچي رهيو آهي؛ پوءِ بہ هي مور رڙندو ٿو رهي! --ڇو؟ مان اڌ رات جو ڇو ٿو اُٿان؟ مان گيت ڇو ٿو لکان؟ هن پاپ جي نگريءَ ۾ گيتن کي ڪهڙي معنىٰ آهي، ڪهڙي اهميت آهي! ..... اوهہ مون کي ڏکڻ جي واءُ ۾ ننڊڙي ٿي اچي. منهنجا آواره خيال ڪٿي وڃيو نڪرن! مور جي رڙين سان منهنجن گيتن جو ڪهڙو واسطو؟

اي چنڊ! تون هن ڪائنات جو خاموش تماشبين آهين. اي چنڊ، ڪڏهن ڪڏهن تون انسان جي روح ۾ ليئو پائيندو آهين؛ ڪڏهن ڪڏهن توکي اها جاءِ وڻي ويندي آهي ۽ پوءِ تون اتي واسو ڪندو آهين. تنهنجو جسم تہ آسمان ۾ هوندو آهي، پر تنهنجو روح ڪنهن ماڻهوءَ جي من ۾ هوندو آهي. اي چنڊ، تون منهنجو پيدي آهين. تون ۽ مان، پيئي واٽهڙو آهيون- ڪنهن دور ديس جا، اَٽڪ ازلي راهي: تنهنجو منهنجو پنڌ پڇندو بہ يا نہ؟ اي چنڊ، تو هن نگريءَ ۾ مون جهڙو پيو بہ ڪو سودائي شاعر ڏٺو هو؟ مون پڌو آهي تہ بيڪس روهڙيءَ ۾ سنڌو گهاٽ وٽ آڌيءَ رات جو ڪنئيي سان اچي ويهندو هو، ۽ ڪنئيو، ڪن تي هٿ رکي هن جي ڪافي ڏاڍيان ڳائيندو هو:

” ساجن سائين سير ڪرڻ لئہ آيو تي اِنسان،
ڪاٿي ڪافر، گبر، يهودي، ڪاٿي مسلمان،
ساجن سائين.....“

اها ڪافي پڌي، ساڌ ٻيلي جو مور زور سان رڙيون ڪندو هو: ” ائين نہ آهي ”بيڪس“ سائين، ائين نہ آهي! سڀ اِنسان ساجن جو سروپ نہ آهي. هيءُ سارو جيون پاپ ۽ پچ جي ٻڌ آهي؛ ۽ ڪڏهن انهيءَ ٻڌ ۾ پچ اڪيلو آهي، بلڪل اڪيلو! “

وڏا چوندا هئا تہ مور جو آواز پڌي، بيڪس سانت ۾ اچي ويندو هو، ۽ ڏرتيءَ تان پٿر کڻي، پاڻيءَ ۾ چنڊ جي پاڇي کي هڻندو هو. چنڊ لهرين ۾ پڃي پورا ٿي پوندو هو، پر ٿوري وقت کان پوءِ چنڊ جو پاڇو هڪ جاءِ تي اچي ويندو هو. اي سچ! تون چنڊ جو پاڻيءَ ۾ پاڇو آهين، توکي ڪابہ ضرب پڃي پورا ڪري نٿي سگهي!

اڄ رات جي پوئين پهر ۾ جاڳ ٿي. پريان درياءَ تي ٻيڙيءَ جا سڙهہ، ڏانديءَ تي ويٺل پوپٽ جي پرن وانگر لڳي رهيا هئا. آسمان ۾ ننڍڙيون اڇيون ڪڪريون ائين ڦهليل هيون، جيئن ڪنهن سهڻيءَ مهاڻيءَ جي تڏيءَ تي پلي جا چلر. مون اکيون مهٽي، نيراڻ ۾ نهاريو. نظر نمرود جي تير وانگر اُڏامندي ويئي.

هن رنگارنگ ڪائنات جو ڪوئي اَنت نہ آهي: اها نہ شروع ٿي آهي، نہ ختم ٿيندي. نہ اُن جي مڪان ۾ ابتدا ۽ انتها آهي، نہ زمان ۾: اِها اِتي ۽ ائين آهي، اِتي ۽ ائين رهندي: نہ ان جي حسن ۾ ڪمي ايندي، نہ حيرت افزائيءَ ۾.

اي شاعر! انهيءَ همہ حيرت، همہ حسن ۾ محو رهہ تہ تنهنجي شاعريءَ کي اَبديت ملي وڃي.

ٻنيي ۾ ٻاٽ. ڪنهن تيلي جلائي ڏياٽيءَ تائين آندي. سوجهري ۾ چِڱل تڏي تي رليءَ مٿان ڪوئي بيمار ڪنجهي رهيو هو.

” ابا آيو آهين، “ هن ڪنجهندي ڪرڪندي چيو. نوجوان ڪوئي جواب نہ ڏنو ۽ ڏياٽيءَ ۾ تيل ڏانهن ڏٺائين، جنهن ۾ فقط وٽِ جي پڇڙي ٻڏي رهي هئي.

” ابا، ولوءَ چا چيو. ڪوئي چاڙهو ٿيندو؟ “ بيمار ڪنگهندي پڇيو. نوجوان وري بہ جواب نہ ڏنو. هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي ڏياٽيءَ ۾ پوندا رهيا. ڏياٽي ڳوڙهن سان پرجي ويئي ۽ ان ۾ ساري وٽ ٻڏي ويئي.

” ابا هتي اوندهہ آهي، اِها ڏياٽي تہ جاري مان لاهي هيٺ رک، “ بيمار تپ ۾ تڙپندي چيو.

نوجوان ڏياٽي لاهي بيمار جي پرسان رکي، تہ بيمار ان ڏانهن ڏسي چيو، ” ابا، هيءَ تہ ڪافي پريل آهي. جهونجهڪڙي تائين جلندي رهندي. “

نوجوان وري بہ چپ.

” ابا، هيءَ وٽ ائين چو ٿي پڙڪا ڏئي؟ ابا هن ڏياٽيءَ ۾ وٽ تہ ناهہ، اوندهہ ٿيندي ٿي وڃي..... تڏي..... تڏي اوندهہ..... ابا......“

•

شبنم آسمان تان ڊوڙندي آئي ۽ اچي نرگس کي چميائين، ۽ هن کان پڇيائين، ” تون مون کي ڏسي سگهين ٿي؟ “

نرگس وراڻيو، ” مان توکي ڏسي ته نٿي سگھان، پر ايترو يقين سان چئي سگھنديس ته تنهنجي محبت پاڪيزه آهي، پايدار نه آهي. “

•

ماڪ گل کي چيو ته ” مان تنهنجي لاءِ آسمان تان ڊوڙندي آئي آهيان. “

گل ماڪ کي چيو ته مان تنهنجي لاءِ زمين چيري نڪتو آهيان. “

پوءِ ٻيئي هم آغوش ٿي ويا. اِها آهي محبت جي اِبتدا.

•

آڏي اک چورَ جي اڌ پٽيل ڳڙکي آهي، جنهن مان هر ليئي ۾ آنڌ مانڌ ۽ ڊپ ڊاءُ هوندو آهي.

•

چنڊ کي چڪور جي اکين ۾ ڏسندين، ته توکي چنڊ جي چهري جا داغ نظر نه ايندا.

•

ڪنهن ڪنهن فنڪار ۽ ان جي پوئلڳ ۾ بارش ۽ سپ واري محبت ٿئي ٿي.

•

شاعر فرشتو نه آهي. پر فرشتو به ته شاعر نه آهي.

•

زندگيءَ جا پرڪشش واقعا انگور جي داڻن وانگر آهن، جي شاعر جي روح ۾ رچي، شراب ٿي نڪرن ٿا، ۽ هو اُنهيءَ کي رنگارنگ ڪوزن ۾ دنيا اڳيان پيش ڪري ٿو.

•

اهو شاعر جو نفساني خواهشن ۾ فرار ڳولي، ان چڪورَ جي مثال آهي، جو چنڊ کان مايوس ٿي، ٽانڊي تي جهڙپ ڏئي.

•

جيڪڏهن عورت ۽ شراب مان هڪ کي چونڊڻو پوي، ته مان جيڪر شراب کي چونڊيان. ۽ جيڪڏهن شراب ۽ ڪتاب مان هڪ کي چونڊڻو پوي، ته مان جيڪر ڪتاب کي چونڊيان.

•

منهنجو تصور اهو ميخانو آهي، جنهن ۾ جا بجا ٽٽل جام ۽ صراحيون پکڙيل آهن. جڏهن مون کي شراب جو ذائقو پسند نه آيو، مون جام جو سر ڦوڙي ڇڏيو ۽ صراحيءَ جي گردن ٽوڙي ڇڏي. مون تي اهو گناهه معاف آهي، ڇوته منهنجي دم سان رندي ۽ مستي زنده آهي.

•

جي چڪور چنڊ کي پڱو ته چنڊ چنڊ نه رهندو، ۽ چڪور چڪور نه رهندو.

•

پاڻيءَ ۾ چنڊ جو عڪس ڏسي، مڇيءَ سوچيو ته ”مان چڪور کان زياده خوش نصيب آهيان.“

•

ڪير زياده حَسين آهي، شهڪار يا اُن جو فنڪار؟

•

مان اِهو سوچي اڄ تائين منجهي پوندو آهيان ته شعر حسن جو انڪشاف آهي يا ان جي تخليق!

•

جنهن جي روح ۾ راڳ نه آهي، اُن جي راڳ ۾ روح نه آهي.

•

چِبَ ڪوئل کي نفرت سان ڏسي چيو، ” تون پنهنجو رنگ ته ڏس، ڪُوڪين ڇا تي ٿي.“

•

فنڪار جي شڪست فن جي فتح آهي.

•

شاعر فلسفيءَ کي چيو تہ ” جي تون فلسفي نہ هجين ها، تہ خدا کي مڃين ها. “
فلسفيءَ شاعر کي چيو تہ ” جي تو شاعر نہ هجين ها تہ خدا کي نہ مڃين ها.

•

جو اڻ- ڳاتي کي ڏسي ۽ اڻ- ڏٺي کي ڳائي، اهوئي بهترين شاعر آهي.

•

مون ڪنهن ٽٽل قبر مان انساني کوپڙي ڪڍي، ان کي ڪرڙي صاف ڪيو ۽ ان ۾ شراب  پري، اُن کي چنڊ جي سامهون آندو. جڏهن چنڊ جو عڪس شراب ۾ جهلڪڻ لڳو، تڏهن مون آسمان ڏانهن منهن ڪري پڇيو، ” هي تخليق جو تصور ڇا تو سمجهين؟ “

•

مان ماضيءَ جي ماضيءَ ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر آهيان.

•

ڪائنات ۾ اول ڪير هو -- جميل يا جمال؟

•

اي ڪاش! مان گمناميءَ ۾ جيئان ۽ گمناميءَ ۾ مران. بدنامي ۽ ان کان بہ وڌيڪ، نيڪنامي شاعر جي تخليقي انفراديت لاءِ مهلڪ آهي.

•

ڪيئي ڪتاب منهنجي مطالعي ۾ آيا، پر ائين جيئن ساوڻ جو مينهن درياءَ تي وَسي، جيئن اونهاري جي اُس بنيءَ تي پوي.

•

هر شاعرِ محبت شاعرِ انقلاب آهي، هر شاعرِ انقلاب شاعرِ محبت نہ آهي.

•

اي رازِ ازل! تون هر وقت منهنجو پيڇو ڪندو ٿو رهين، پر جڏهن بہ مون منهن ورائي ڏٺو، تڏهن تو منهن تي نقاب وجهي ڇڏيو.

•

جيڪڏهن مون ڪي ڪوئي اهو سمجهائي تہ پرهہ جو پکيئڙا ڇو ٿا ڳائين، تہ مان هن کي پيغمبر ڪري مڃان.

•

اشرف المخلوقات اِنسان نہ پر پکي آهن، جن جو زياده تر وقت اڏامڻ ۽ ڳائڻ ۾ گذري ٿو.

•

تون بکيو هئين، مون توکي ماني ڏني؛ تون اُڃيو هئين، مون توکي پاڻي ڏنو. جڏهن تو ڪائي ڊِوَ ڪيو تڏهن تو منهنجي وات مان گرهہ کسي ڦٽي ڪيو؛ جڏهن تو پاڻي پي پياس بجهائي، تڏهن تو منهنجي چپن تان پيالو کسي چيهون چيهون ڪري ڇڏيو.

•

جهونجهڪڙي جو ڪوهيڙو چانيل هو ۽ ماڪ وسي رهي هئي، گويا خدا ڪچيءَ ننڊ مان جاڳي اکين تي چنڊا ٿي هنيا.

•

هيءَ سرد خاموش شام! گويا ڪائنات جو اُداس روح منهنجي پهلوءَ ۾ آهي.

•

مان هر رات سوچيندو آهيان تہ ڏينهن ڪيڏانهن ويو! ۽ ائين محسوس ڪندو آهيان تہ هر انسان جاڳ ۾ ننڊ کان بہ زياده غافل آهي.

•

مان ڪڏهن سوچيندو آهيان ته چنڊ اڪين ڪي ايترو چو ٿو وڻي! اُن ۾ اِهو ڇا آهي، جنهن ڪي اسان حسن چئون ٿا؟ مادي فلسفي ۾ اعتبار رکندڙ چون ٿا ته حسن ڪوئي دائمي قدر نه آهي، ان جي تصور ۾ زمان ۽ مڪان جي فاصلي سبب ڪيترائي اختلاف آهن. پر مان پڇان ٿو ته ائين چو آهي ته ڏور قديم ڪان وٺي اڄ تائين چنڊ ڪي حسين سمجهيو ويو آهي؟ اهڙو ڪوئي به دور ۽ اهڙي ڪائي به جاءِ نه آهي، جتي انسان چنڊ ڪي حسين نه سمجهيو هجي. اُن ۾ اهوڇا آهي، جنهن ڪي اسان حسن سمجهون ٿا؟ ۽ انسان ۾ اهو ڇا آهي جو ان جي حسن ڪان يڪدم متاثر ٿي وڃي ٿو؟ انهن ٻن سوالن جو جواب مون لاءِ خود شناسيءَ جو درجو رکي ٿو، چوته اِن ڪان پوءِ ئي مان سمجهي سگهندس ته مان شاعر چو آهيان.

•

هن دؤر ۾ انسان ڪي ايترو ته جاڳايو ويو آهي، جو هن ڪي بي خوابيءَ جي بيماري ٿي پيئي آهي.

•

رات جي پوئين پهر ۾ ڪائنات ڪنهن اَزلي شاعر جي گيت سان گونجندي آهي.

•

جي مان توکي چوان ته مون خدا کي ڏٺو به آهي ۽ نه به ڏٺو آهي، ته تون مون کي چريو سمجهندين؛ پر مان به توکي سياڻو نه سمجهندس.

•

اونهاري جي ننهڻ اُس ۾ رلندي رلندي، ڪنهن بزرگ ڪوئي درخت ڏٺو، ۽ اُن جي ڇانوَ هيٺان ويهي ٽڪ لاٿائين ۽ دعا گهري خدا جو شڪر بجا آندائين. جڏهن بزرگ دعا جا هٿ هيٺ ڪيا، تڏهن درخت ٽاريون آسمان ڏانهن ڊگهيريون ۽ چيو ته " ياربا! " جي تون هن بزرگ جو خدا آهين، ته منهنجو خدا هرگز نه آهين مان صديون اُس ۾ سڙيو آهيان، ته مون تي اجا تائين ڪنهن ڪڪريءَ ڇانو نه ڪئي آهي.

•

گلاب تي گهٽا پؤنر مڙندا، تہ گلاب جي خوشبوءِ تہ گهٽجي نہ ويندي.

•

محبت اهو گلدان آهي، جنهن ۾ مرجهايل گل لاءِ ڪائي جاءِ نہ آهي.

•

مون هن جهڙيون سهڻيون اکيون ڪٿي بہ نہ ڏٺيون آهن: ڪوهِ ندا جي صدا جهڙيون اکيون، ”فنافي الوجود“ جهڙيون اکيون، سرمد جي ڪلمي جهڙيون اکيون!

•

منهنجي روميءَ کي علامہ اقبال جي روميءَ واري ساندي جي ڪل نہ آهي: هن ۾ برگسان جي ”خودي“ ۽ نتشي جو ”انسان ڪامل“ نہ آهي. منهنجو رومي ”وحدت الوجود“ آهي، ”همہ اوست“ آهي، شاهہ لطيف جو رهبر ڪامل آهي، ”اسلامي فلاطونيت“ آهي، سراپا محبت ۽ انسانيت آهي– فاشزم جو علمبردار نہ آهي.

•

غالب جو گناهہ هن جي شراب نوشي نہ پر قصيده نويسي هو.

•

سچل سرمست سنڌ جو پهريون باغي شاعر هو. ڪاش! هو پنهنجي تلوار تصوف جي مياڻ مان ڪڍي سگهي ها!

•

مون ڪاليداس جو ”وڪرم اروسي“ پڙهي محسوس ڪيو تہ اِهو ڪتاب مون لکيو آهي.

•

منهنجو تخيل هڪ ڪليسا آهي ۽ مان ان جو راهب آهيان. منهنجو شعر پيءُ بنان بہ آهي ۽ صليب تي بہ چڙهي چڪو آهي.

*